صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ٢٠ مارچ ٢٠١٤

دي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) بل ٢٠١٣،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ١۴ فيبروري ٢٠١۴ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ ١٩ مارچ٢٠١۴ تي منظوري ڏني،جنهن ڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# دي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٣

# سنڌ ايڪٽ نمبر V، مجريه ٢٠١۴

| | |
|---|---|
| سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ( The Sindh Land Revenue Act, 1967) ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ايڪٽ | |
| هن ڳالهه ڪي مناسب ٿو ڄاتو وڃي ٿو تہ سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967 ۾ هن ريت ڦير گهير آندي وڃي. | تمهيد (Preamble) |
| ان ڪري ايڪٽ ڪي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:- | مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement. |
| 1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٣ (The Sindh Land Revenue (Amendment) Act, 2013) چيو ويندو. | |
| (2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو. | |

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه نمبر 4 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 4 of Sindh Act No XVII of 1967.

2. سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي دفعه 4، ذيلي دفعه (23) پوئتان هي وڌايو ويندو:-

"(23-A) "خدمت جو مرڪز" (Service Centre) مطلب آهي ته مرڪز جيڪو انهيءَ لاءِ قائم ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن تعلقي يا ضلعي جي حقن جي رڪارڊ کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪري بحال رکي سگهجي ته جيئن معاهدن جي تبديليءَ، منتقلي، عمل ۾ آڻڻ ۽ رجسٽريشن (Registration) جون خدمتون سرانجام ڏئي سگهجن، ڪمپيوٽرائيزڊ (Computerized) رڪارڊ جا نقل فراهم ڪري سگهي ۽ اهڙي رڪارڊ سان لاڳاپيل پيا ڪم ڪري سگهجن."

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه 39 ۾ تبديلي.
Amendment of section 39 of Sindh Act No. XVII of 1967.

3. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعه 39، ذيلي دفعه (2) جي فقري (d) پٺيان اهو وڌايو ويندو ته:

"(e) اهي بيان (statements) جيڪي خودبخود معلوماتي طريقي (automated information system) سان محفوظ (record) ڪيل برقياتي دستاويزن (electronic documents) جي روپ ۾ هوندا، ۽ جن کي پڌرائي (notification) ذريعي بورڊ آف روينيو (Board of Revenue) ڪنهن ديهه (Deh) جو حقن جو ڪمپيوٽر ذريعي محفوظ ڪيل (computerized record of rights) پڌرو ڪيو هوندو."

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه 40 ۾ تبديلي.
Amendment of

4. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعه 40 جي ذيلي دفعه (3) پٺيان هي شامل ڪيو ويندو:-

"(4) ڪنهن به ديهه (Deh) جي ڪمپيوٽرائيزڊ تيل حقن واري رڪارڊ بابت جيڪڏهن روينيو بورڊ (Revenue Board) پڌرائي

| | |
|---|---|
| section 40 of Sindh Act No XVII of 1967. | (Notification) ذريعي تصديق ٿيل ديهہ جو ڪمپيوٽرائيزڊ ٿيل حقن جو رڪارڊ ظاهر ڪيو آهي تہ ان ڪي حقن جو رڪارڊ ڄاتو ويندو.<br><br>بشرطيڪ اهڙيءَ پڌرائي(Notification) کان اڳ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ واري اسسٽنٽ ڪليڪٽر دفعہ 42 جي ذيلي دفعہ (11)، (12) ۽ (13) مطابق انهيءَ رڪارڊ جي هارڊ ڪاپين (hard copies) بابت سرٽيفڪيٽ ڏنو هجي، ان جي تصديق ڪئي هجي تہ اهو رڪارڊ اصلي ۽ صحيح آهي. اهو تصديق ٿيل رڪارڊ دفعہ 42 جي ذيلي دفعہ (1) مطابق قائم ڪيل سيل (cell) ۾ رکيو ويندو.“ |

**بحڪم**

**اسپيڪر**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ.**

**جي. ايم. عمر فاروق**

**سيڪريٽري**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**